# سکڻ سيکارڻ جي
## حلقن جو جدول
# پاڙيسري جا 3 حق



15 مئي 2025

# 15 مئي، 2025ع سڪڻ سيڪارڻ جي حلقن جو جدول

(1): مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ (2): دُعا ياد ڪرڻ: 5 منٽ (3): جائزو: 5 منٽ، ڪُل دورانيو: 15 منٽ.

اڄ جي سڪڻ سيڪارڻ جي حلقن ۾ **پاڙيسري جا 3 حق** سيڪاريا ويندا ۽ **ڪنهن قوم کان خطري جي وقت جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ نيڪ اعمال جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## درود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم جو فرمان آهي تہ: مسلمان جيستائين مون تي درود شريف پڙهندو رهندو آهي، ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ[1].

## پاڙيسري جا 3 حق

### آيتِ مُبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

وَالْجَارِ ذِي الْقُرْبٰى وَالْجَارِ الْجُنُبِ (پاره :11،يونس:54)

ترجموڪنزالعرفان: ويجهي پاڙيسري ۽ پري جي پاڙيسري(سان سُنو سلوڪ ڪيو).

پاڙيسري ٻن قسمن جا هوندا آهن (1) جنهن جي رهائش اسان جي پرسان هجي، اُن کي ويجهو جو پاڙيسري چئبو آهي (2) جنهن جي رهائش اسان کان ڪجھ فاصلي تي هجي، اُن کي پري جو پاڙيسري چئبو آهي.[2] عالم سڳورا فرمائن ٿا: هر طرف کان 40 گهرن تائين پاڙو آهي، يعني گهر جي ساڄي پاسي، کاٻي پاسي، اڳيان ۽ پويان 40، 40 گهر پاڙيسري آهن.[3] جيڪڏهن فليٽ وغيره ۾ رهن ٿا تہ مٿيان ۽

---

1 ابن ماجہ،کتاب اقامۃ الصلاۃ وسنۃ فیھا ،باب الصلاۃ علی النبی ،صفحہ:152،حدیث:907۔
2 تفسیر مدارك التنزیل پارہ :5 ،سورۃ النساء، تحت الآیت :36، جلد:1 ،صفحہ:357۔
3 نعیمی ،پارہ:5،سورۃ النساء،تحت الآیت:36،جلد:5،صفحہ:84۔

هينيان گهر بہ پاڙي ۾ شامل هوندا.

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڀيرا فرمايو: الله پاڪ جو قسم...!! اهو ٻانهو مؤمن ناهي، الله پاڪ جو قسم...!! اهو ٻانهو مؤمن ناهي، الله پاڪ جو قسم...!! اهو ٻانهو مؤمن ناهي. عرض ڪيو ويو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪير مؤمن ناهي؟ فرمايائون: جنهن جي شر کان ان جو پاڙيسري محفوظ نہ هجي.[1]

يعني جيڪو پاڙيسري کي تڪليف پهچائيندو آهي، ان جي حق تلفي ڪندو آهي ، ان جو ايمان ڪامل نہ آهي، ناقص آهي.[2]

## پاڙيسري جا 3 حق

پاڙيسري چاهي نيڪ هجي يا گنهگار، دوست هجي يا دشمن، اسان تي ان جا ڪيترائي حق آهن. جن مان 3 اڄ اسين سکنداسون.

**پهريون حق: حاجت پوري ڪرڻ**

**وضاحت :** پاڙيسري جي حقن مان آهي تہ جيڪڏهن هو پنهنجي حاجت ۾ مدد گهري تہ ان جي مدد ڪئي وڃي، مثال طور: ۞ عام طور تي شادي، وِهانءُ يا فوتگي وغيره جي موقعي تي کٽ، بسترو يا پنهنجن مهمانن کي رهائڻ لاءِ اوطاق وغيره گهرندا آهن، اسان جو پاڙيسري جيڪڏهن اسان کان اهڙي قسم جي مدد گهري. ۞ گهر ۾ استعمال ٿيندڙ ضروري سامان جي پاڙيسري کي ضرورت پوي، مثال طور ڪڏهن ڪڏهن برف، ٿڌو پاڻي يا ايمرجنسي صورت ۾ اٽو وغيره وٺڻ ايندا آهن، اهڙي قسم جي ضرورت کي پورو ڪرڻ. ۞ جيڪڏهن ان کي پئسن جي ضرورت هجي تہ پنهنجي وس آهر ان جي مدد ڪرڻ وغيره. ۽ جيڪڏهن پاڙيسري کي اسان جي مدد جي ضرورت آهي، پر هو حياءَ سبب اسان کي نٿو چوي، تڏهن بہ

1 بخارى ،كتاب الادب،باب اثم من لامأمن جاره بوائقه ،صفحه:1500،حديث:6016۔
2 لمعات التنقيح ،كتاب الآداب ،باب الشفقة والرحمة على الخلق ،جلد:8،صفحه:248،حديث:4962۔

اسان جو اخلاقي فرض آهي تہ پنهنجي پاڙيسري جو احساس ڪريون ۽ هر طرح سان ان جي مدد ڪريون.

**پيو حق:** عيادت ڪرڻ

**وضاحت:** بيمار جي حال چال پڇڻ کي عيادت چئبو آهي.[1] عيادت ڪرڻ پياري آقا صلَّى الله عليهِ والِهٖ وسلَّم جي پياري سُنّت آهي. اسان جو پاڙيسري بيمار ٿي وڃي تہ اُن جي گهر وڃي سندس عياد ڪئي وڃي. بيمار جي علاج ۾ ان جو ساٿ ڏنو وڃي. جيڪڏهن اُن کي ڪو ڪاڏو ڏيڻ وارو ناهي تہ اُن کي ڪاڏو ڏنو وڃي. اُن جي شفا جي لاءِ دُعا ڪئي وڃي. اُن جي گهر جي ڪمن ۾ ان جو وندايو وڃي. حديث پاڪ ۾ آهي: پاڙيسري جي حقن مان هي بہ آهي تہ جڏهن هُو بيمار ٿي پئي تہ ان جي عيادت ڪئي وڃي.[2]

**ٽيون حق:** غمخواري

**وضاحت** : ڏُک تڪليف ۾ شريڪ ٿيڻ غمخواري آهي.[3] يعني پاڙيسري کي جيڪڏهن ڪا مصيبت پهچي، مثال طور: ۞ ان جو ڪو عزيز فوت ٿي وڃي ۞ ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ۞ ڪو نقصان ٿي وڃي ۞ ڪاروبار بند ٿي وڃي ۞ الغرض کهڙي بہ مصيبت هجي، ان سان گڏ رهڻ، تسلي ڏيڻ، ان جي نقصان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، اهو سڀ غمخواري ئي آهي.

## \سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دعا

## ڪنهن قوم کان خطري جي وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَجْعَلُكَ فِيْ نُحُوْرِهِمْ وَ نَعُوْذُبِكَ مِنْ شُرُوْرِهِم

ترجمو: اي الله! اسان توکي دشمنن جي مُقابلي ۾ آڻيون ٿا ۽ انهن جي شرارتن

---

1 اردولغت،جلد:13،صفحہ:604۔

2 ..شعب الايمان،باب فی اکرام الجار ،جلد: 7،صفحہ:83،حديث:9560۔

3 اردو لغت ،جلد:13،صفحہ:740۔

ڪان تنهنجي پناهہ گهرون ٿا .[1]

## اجتماعي جائزو وٺڻ جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### يوميہ 56 نيڪ اعمال

(1) سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2) پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3) هر نماز کان اڳ ۾ نماز جي دعوت ڏني؟ (4) رات جو سُورةُ المُلْڪ پڙهي يا ٻُڌي ورتي؟ (5) هر نماز کان پوءِ آيَةُ الْڪُرسِي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُورتُ الاِخْلاص پڙهي؟ (6) ڪنزالايمان مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون يا صراط الجنان مان ہ صفحا پڙهي يا ٻُڌِي ورتا؟ (7) شَجري شريف جا اوراد پڙهي ورتا؟ (8) 313 ڀيرا درود شريف پڙهي ورتو؟ (9) اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10) **ڪنن** کي گناهن کان بچايو؟ (11) پاڻ کي بدنگاهي کان بچائيندي نظرون جهڪائي رکيون؟ (12) 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13) اَذان ۽ اِقامت جو جواب ڏنو؟ (14) غصي جو علاج ڪيو؟ (15) نيڪ اعمال جي رسالي مان پنهنجو جائزو ورتو؟ (16) پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17) اوهان ۽ جيءُ چئي گفتگو ڪئي؟ (18) مدرسة المدينہ **بالغان** ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19) عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر اندر گهر پهتا؟ (20) **مدني** ڪمن لاءِ 2 ڪلاڪ ڏنا؟ (21) صداءِ مدينہ لڳائي؟ (22) ٻين جي گهرن ۾ جهاتيون پائڻ کان بچيا؟ (23) گهر درس ڏنو؟ (24) مسجد درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25) سنت جي مطابق لباس پاتو؟ (26) زُلف رکڻ جي سُنّت تي عمل ڪيو؟ (27) هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28) گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبہ ڪئي؟ (29) سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30) مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31) سنتن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32) ظهر جون چار سنتِ قبليہ فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33) تهجد يا صلوٰة اللّيل ادا ڪئي؟ (34) اَوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35) عصر يا

---

1 ابو داود ،ڪتاب الصلاة ،باب مايقول الرجل اذا خاف قوما،صفحہ:250،حديث:1537۔

عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36) 12 مدني کمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مدني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37) ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38) ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39) ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ (40) ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41) وقت تي قرض ڏنو؟ (42) عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جنهن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43) صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44) مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45) فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ (46) **ڪجهہ** نہ ڪجهہ جائز ڪم کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47) چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48) اسراف کان بچيؤ؟ (49) ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50) تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51) زبان جي گناهن کان بچيا؟ (52) فضول گفتگو **سان** بچيا؟ (53) مذاق مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (54) عمامو شريف ٻڌو؟ (55) پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ و ثواب ڪيو؟ (56) ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قفلِ مدينہ ڪارڪردگي

- لکي ڪري گفتگو 12 پيرا
- اشاري سان گفتگو 12 پيرا
- نگاهون جهڪائي ڪري گفتگو 12 پيرا

## هفتہ وار 9 نيڪ اعمال

(57) اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58) هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59) هفتہ وار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60) يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟

(61) مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62) هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63) هفتہ وار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64) علاقائي دورو ڪيو (65) پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو